# الانوار الاحمدیّہ

فی


## حالات المشائخ النقشبندیّہ

حصہ (۲)

### حالاتِ حضرت امام ربانی مجدد الف ثانی قدس سرہٗ

تالیف

حضرت قبلہ گاہ مولانا مولوی نظر محمد سومرو رحمۃ اللہ علیہ



روضۂ مبارک حضرت مجدد الف ثانی قدس سرہٗ ۔ سرہند شریف

عند ذکر الصالحین تنزل الرحمۃ

# الانوار الاحمدیۃ

فی

## حالات المشائخ النقشبندیۃ

حصو ٻيو

## حالات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره

از تاليفات

حافظ القرآن فخر عاشقان حضرت مجدد الحاج
جناب حضرت واعظ الاسلام مولانا مولوي نظر محمد صاحب مرحوم
سومرو نسباً، نقشبندي مشرباً

تعداد طبع — هڪ هزار

سنہ طباعت — ١٣٩٣ھ / ١٩٧٣ع

مقام طباعت — مطبوعہ مطبع سعيدي قرآن محل ڪراچي

قيمت — ٻارهن رپيا

ملڻ جو هنڌ

**مولوي نوراحمد سومرو**

بنگلہ ١٦٣ع گارڊن ويسٽ

ڪراچي ٣

